قاضي خادم

# جديد ڊراما

ڊراما به ڪهاڻي بيان ڪرڻ جي ڪيترن ئي طريقن مان هڪ آهي. هن ۾ ڪهاڻي بيان ڪرڻ جو طريقو ناول کان ٻئي نموني جو آهي ڇو جو هن ۾ ناول جيان ڪهاڻي سڌي سنئين انداز ۾ بيان ڪونه ڪئي ويندي آهي، بلڪ ان کي عوام جي آڏو اسٽيج تي اداڪارن وسيلي پيش ڪيو ويندو آهي، درحقيقت هڪ لکيل ڊرامو ايستائين ڊرامو نٿو ٿي سگهي جيستائين ان کي اسٽيج تي پيش نه ڪيو وڃي يا موجوده دور ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان پيش نه ڪيو وڃي. يعني ته جيستائين ليکڪ، پروڊيوسر، اداڪار ۽ عوام هڪ هنڌ نه اچي مڙن — ڊرامي جو حقيقي مقصد ان کي پيش ڪرڻ آهي نه ڪه ان کي پڙهڻ — ناول نگار جي برعڪس، ڊراما جي ليکڪ کي پنهنجن اداڪارن تي ڀاڙڻو پوي ٿو ۽ اداڪارن کي وري مئنيجر (پروڊيوسر) جي پاليسين، ٿيئٽر جي وسائل ۽ عوام جي پسند جو خيال رکڻو پوي ٿو.

هڪ ڊراما نگارجو خاص مقصد ڏسندڙن (ٻڌندڙن) کي خوش ڪرڻ آهي ۽ ڏسندڙ وري ڊرامو پنهنجي تجسس جي جذبي کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڏسندا آهن. هنن کي هڪ سهڻي ڪهاڻي ڏسڻ جي توقع هوندي آهي. هو ڪردارن طرفان ٿيندڙ دلچسپ واقعا ڏسڻ چاهيندا آهن. صرف ابسن يا جارج برناڊ شا يا سنڌيءَ ۾ محمد اسماعيل عرساڻي ۽ محمد عثمان ڏيپلائي، جهڙا چند ڊراما نگار ٿي گذريا آهن، جن ڊرامي کي سڌاري جو ذريعو سمجهيو آهي، ليڪن هو به پنهنجن ڊرامن ۾ ڪردارن ۽ واقعات کي اهڙو ته دلچسپ ۽ وڻندڙ ڪري پيش ڪن ٿا، جو عام ڏسندڙ به هنن کي پسند ڪري سگهي ٿو. هڪ سنجيده ڊراما نگار جي اها ڪوشش هوندي آهي ته هو زندگي جي حقائق کي ايمانداريءَ سان، وڻندڙ ۽ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪري. ان طرح سان هو زندگي جي اهڙن واقعن کي چونڊيندو آهي جيڪي تمام اهم ۽ اثرائتا هجن ۽ اهي اهڙي نموني پيش ڪندو آهي جو ڏسندڙ ۾ به اهڙائي جذبا اڀاري سگهي جهڙا هن خود محسوس ڪيا آهن.

ناول نگار ۽ ڪھاڻيڪار اڪيلائيءَ ۾ پڙھڻ لاءِ لکندا آھن، جڏھن تہ ڊراما نويس ماڻھن جي ميڙ لاءِ لکندو آھي. ھڪ ناول نگار پنھنجي لکڻين ۾ بيشڪ خاص نظريي جو پنھنجي خاص طريقي سان اظھار ڪري تہ بہ ڪيس اھا پرواھہ ڪانہ ھوندي تہ ڪي ماڻھو ان جي خلاف بہ ٿي سگھن ٿا ۽ ڪيس ناپسند بہ ڪري سگھن ٿا. ليڪن ھڪ ڊراما نويس مختلف ماڻھن جي پسند ناپسند جو خيال نہ رکندو تہ پوءِ سندس پيش ٿيندڙ ڊرامي ڪي ڏسڻ وارو بہ ڀاڱ ھوندو. ھو ڏسندڙن جي پسند جي خيال کان لاپرواھہ ٿي نٿو سگھي. نہ ئي پنھنجو پاڻ کي چاڙھو، عالم ۽ ذھين ثابت ڪرڻ لاءِ عام ڏسندڙ جي پسند ۽ ٽيسٽ کان اوچي شئي پيش ڪرڻ جي ھمت ئي ڪري سگھي ٿو.

وڪٽر ھيوگو جو چوڻ آھي تہ ڏسندڙ ٽن قسمن جا ٿيندا آھن، پھريان اھي عام ماڻھو جيڪي ائڪشن ڏسڻ چاھيندا آھن ۽ ٻيون عورتون جيڪي جذبات نگاريءَ جون شوقين ٿينديون آھن ۽ ٽيان پڙھيل لکيل ماڻھو جيڪي ڪردار نگاريءَ ۾ دلچسپي وٺندا آھن. ٻين لفظن ۾ ڊراما جا ڏسندڙ عام طرح ائڪشن ۽ جذبات نگاري ۾ دلچسپي ڏيکاريندا آھن ۽ صرف ڪردار نگاري جا شوقين ٿيندا آھن.

ھڪ ڊراما نگار کي ھر قسم جي ڏسندڙن جو خيال رکڻو پوندو آھي. ھن کي خبر ھوندي آھي تہ ھڪ تماشبين پنھنجي ھيرو کي طاقتور شريف ۽ غريبن جو ھمدرد ڏسڻ چاھي ٿو. ھن کي ھيرو جي فتح سان دلچسپي آھي. ھو ابسن ۽ برنارڊ شا جي ذو معني جملن ۽ ذھين قسم جي ڪردارن ۾ ڪا دلچسپي نہ ٿو رکي، انھي ڪري ئي ڊراما اھڙا ڪردار ڪامياب ٿيندا آھن جيڪي سوچ کان وڌيڪ جذبات کان ڪم وٺندا آھن.

عظيم ڊرامن جو مرڪزي خيال تمام سادو سودو ھوندو آھي ۽ گھڻو ڪري پراڻو بہ ھوندو آھي. تماشبين پراڻين ڪھاڻين کي وري وري مختلف انداز ۾ پيش ٿيندو ڏسڻ چاھيندا آھن. ھو پراڻن چرچن تي کلندا آھن ۽ ساڳين ڏاڍ جي نظارن تي وري وري پيا روئيندا آھن.

ھڪ واقعو اھڙو ياد اٿم جيڪو بيان ڪرڻ مناسب ٿيندو تہ ١٩٦٤ع ۾ ھڪ دوست لنڊن مان ٿي آيو ۽ ٻڌايائين تہ اِي.ايم فارسٽر جو ناول 'آي پئسيج ٽو انڊيا' ڊرامائي صورت ۾ براڊوي ۾ ڏيکاريو پيو وڃي، ھن ٻڌايو تہ اھو ڊرامو گذريل چئن سالن کان ھلي پيو پر رش

ڏاڍي اتس ۽ ڪيترا ڪراڙا انگريز ۽ ڪراڙيون انگريزياڻيون روزانه ساڳيو ڊرامو ڏسڻ ٿا اچن ۽ ڊرامي جي مک ڪردار ڊاڪٽر عزيز سان ٿيندڙ ناانصافي ڏسي اوڇنگارون ڏيئي روئن ٿا.

تماشبين جي مزاج جو خيال رکندي ڊراما نگار کي هميشه انسان جي بنيادي دلچسپي وارن جذبن جي اپٽار ڪرڻي پوندي آهي، جهڙوڪ پيار نفرت، لالچ، همدردي، ڏک ۽ ڏپ وغيره. اهڙا موضوع چوندبيندو آهي جن سان ڪنهن هڪ فرد يا ڪلاس جي نه بلڪ سموري انسان ذات جي دلچسپي هوندي آهي. جيڪڏهن ڊراما نويس اهڙي خيال کي برقرار رکڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ته پوءِ هو ناول نگار کان به وڌيڪ ڪامياب ٿي سگهي ٿو. هن جي مزاحيه سٽ ڏسندڙ کي کلائي کيرو ڪري سگهي ٿي. جڏهن ته ڪيئن مزاحيه ناول نگارن جون ڪاوشون وڏي مشڪل سان ڪنهن کي مرڪائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهنديون آهن. مرزا قليچ بيگ جي ”انڪواري آفيسر“ يا محمد عثمان ڏيپلائي جي ”ڊڪار“ جوئي مثال کڻي وٺو. پڙهڻ ۾ اهي ڊراما ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن کي کلائڻ ۾ ڪامياب نه ٿيا هجن ليڪن ”انڪواري آفيسر“ جڏهن اسٽيج تي پيش ٿيو ته سڄو هال کلڻ جي ڪوڪرن ۾ ٻڏي ٿي ويو.

تماشبين مختلف قسمن جا ٿيندا آهن جنهن ڪري هنن جو ڪهاڻي جي مختلف موڙن ڏانهن رد عمل به مختلف ٿي ٿيندو آهي. ڪي ڏسندڙ غم وارن نظارن ۾ دلچسپي سان ڏسندا آهن ته ڪي وري کل خوشي جا ڪوڏيا هوندا آهن. ڪي بهادري وارن قصن جا ڪوڏيا هوندا آهن ته ڪي وري پيار محبت جي قصن سان دلچسپي رکندا آهن. انهن سڀني کي هڪ ئي وقت ۾ خوش رکڻ جو ڏکيو ڪم ڊراما نگار ئي پورو ڪري سگهي ٿو - سو به ان پابندي سان ته هن کي ڪهاڻي ٻن يا ٽن ڪلاڪن جي اندر ئي پوري ڪرڻي آهي ته جيئن اها اسٽيج تي پيش ڪري سگهجي. جڏهن ته هڪ ناول نگار تي اهڙي ڪا به پابندي ڪانهي. ٻيو ته هن کي پنهنجي ذات کي ڊراما کان الڳ رکڻو آهي. هن کي جيڪي ڪجهه چوڻو آهي اهو ڪردارن کان گفتگو يا عمل وسيلي چوائيندو ۽ ڪرائيندو آهي، جڏهن ته ناول نگار بيانيه انداز ۾ ڪهاڻي ۽ موقع محل بابت سمجهائيندو آهي.

ڊراما نگار جو تيز مشاهدو ۽ انساني نفسيات متعلق ڄاڻ ئي هن جي فن جي پيشڪش ۾ مددگار ۽ معاون ٿيندا آهن. خاص ڪري ٻه عنصر موضوع جي چونڊ ۽ واقعات جي تاڃي پيٽي اڏڻ ۾ ڏاڍي مدد ڪندا آهن. هو مشاهدي جي زور تي اهڙن موضوعن کي چونڊي ٿو جيڪي نه رڳو عام پسند جا آهن بلڪ گهڻن جي پسند جا آهن ۽ اهڙن موضوعن کي ڇڏي ٿو ڏئي جن کي پيش نه ڪرڻ ئي بهتر آهي. هن سان مسئلو اهو آهي ته جيڪڏهن سندس پيش ڪيل موضوع ڏسندڙن ۾ پسند نه پيو ته ٿيٽر جون ڪرسيون ۽ اسٽيج ٻه سلامت نه رهندا يا ڏسندڙ بيزار ٿي هليا ويندا. ٻئي طرف جيڪڏهن ڪو ناول يا مختصر ڪهاڻي سماج جي ڪنهن طبقي يا سوچ رکندڙن کي پسند ناهي ته پيو وري ان کي پسند ڪري خريد به ڪري وٺندو. اُتي ڪا اهڙي مشترڪ سوچ يا گڏجاڻي نه ٿي ٿئي بلڪ لکڻين کي انفرادي سطح تي پسند يا ناپسند ڪيو وڃي ٿو.

ڊراما ڏسندڙ يا ٻڌندڙ پنهنجو پاڻ کي سورمي جي روپ ۾ ڏسڻ لڳندا آهن ۽ هن سان ٿيندڙ ظلم ۽ ناانصافي يا هن جي انصاف پروري، بهادري ۽ شرافت سان پنهنجي جذبن کي پيٽڻ لڳندا آهن. بديءَ وارا ڪردار وري هنن جي اندر ۾ بديءَ لاءِ لعنت، ڦٽڪار ۽ نفرت وارا احساس پيدا ڪندا آهن.

هو ڊرامي ۾ پيش ايندڙ هر واقعي ۽ ڪشمڪش ۾ خود به پاڳي ۽ پائيوار ٿي ويندا آهن. تنهنڪري هو اهڙن ئي موضوعن مان مطمئن ٿيندا آهن جن جو يا ته هو شڪار رهيا هجن يا اهي سندن علم ۾ هجن. زميننداري ظلم (خانچند دريائي) ۽ انڪواري آفيسر (محمد عثمان ڏيپلائي) اهڙائي ڊراما هئا جيڪي اٽڪل اڌ صدي اڳ لکيا ويا ۽ اسٽيج تي پيش ٿيا، پسند پيا ۽ ١٩٨٠ع ۾ به اسٽيج تي پيش ٿيا ۽ اوتروئي پسند پيا- سبب؟ انهن جا موضوع لافاني هئا. انهن جو واسطو سڌو سنئون سنڌ جي رسم و رواج، انساني نفسيات ۽ مروج سرڪاري قانون ۽ طريقن سان هو. انهن ۾ انساني جبلتن سان واسطو رکندڙ حقيقتن کي پيش ڪيو ويو. ۽ تنهنڪري انهن کي ڏسندڙن جي دلچسپيءَ جو تسلسل به قائم رهيو.

سنڌي ڊرامن جا موضوع گهڻوتڻو عام پسند جا ئي رهيا آهن ورهاڱي کان اڳ واري دور ۾ عام رومانوي ۽ تاريخي ڊرامن سان گڏ سماجي ناانصافين، غلط رسم و رواج ۽ نيڪيءَ ۽ بديءَ جي وچ ۾ جهيڙي

وارا موضوع عام رهيا. ورهاڱي کان پوءِ اسٽيج جو مزو ختم ٿي ويو باقي ريڊيو ۽ بعد ۾ ٽيليويزن رستي جيڪي ڊراما پيش ٿيندا رهيا آهن تن جا موضوع به لڳ ڀڳ ساڳيا آهن. البت انهن ۾ جاسوسي ۽ جديد موضوعات تي لکيل ڊراما به شامل آهن. تڏهن به پسند اهي ڊراما پيا آهن جن ۾ ثقافتي رنگ شامل آهي ۽ سماج جي اوڻاين کي پيش ڪيو ويو آهي.

موجوده دور ۾ ريڊيو ۽ ٽي ويءَ لاءِ لکيل ۽ پيش ڪيل آهي ڊراما ڪامياب آهن جن جا خاص موضوع سنڌ جي رسم و رواج (ننڍيءَ عمر جي شادي، ٻڍي جي شادي، غلط خانداني رسمون، جديد سماجي برايون، نفرت، محبت وغيره) سان واسطو رکن ٿا. جيئن ته ريڊيو ڊراما جو واسطو آواز ۽ ٻڌڻ سان هوندو آهي ۽ ان جو هر ڪو سين آواز رستي واضح ڪيو ويندو آهي، جنهن لاءِ صوتي اثرات، موسيقيءَ ۽ آواز جو لاهه ۽ چاڙهه ڪم ايندو آهي، تنهن ڪري ريڊيو ڊرامن ۾ اهڙا موضوع ڪامياب ٿيندا آهن جن جو واسطو سنئون سڌو انساني جذبات سان هجي. پيار، نفرت ڌڪار، ۽ جاسوسي يا جنگي ۽ تاريخي موضوع ريڊيو لاءِ ڏاڍا ڪامياب ثابت ٿيا آهن. ٻئي طرف ٽيليويزن ۾ ٻڌڻ کان وڌيڪ ڏسڻ جو حصو هوندو آهي. اتي هر واقعو اسٽيج وانگر ڏيکاريو ٿو وڃي. تنهن ڪري ان ۾ عام سماجي موضاعات يا ريتيون رسمون ڪاميابيءَ سان اثرائتي انداز ۾ پيش ڪري سگهبيون آهن. هنن ڊرامن ۾ ڏسندڙ گفتگوءَ ۾ ايتري دلچسپي نه وٺندا آهن جيتري حرڪت يا هلچل ۾. تنهنڪري ٽي وي ڊراما لکڻ جو انداز به مختلف ٿيندو آهي. ان ۾ نه رڳو مڪالمن يا گفتگوءَ کي قلمبند ڪيو ويندو آهي بلڪ منظر نامو به لکيو ويندو آهي، جنهن ۾ هلڻ چلڻ، اٿڻ، ويهڻ ۽ اسڪرين تي پيش ايندڙ هر واقعي کي تفصيل سان اهڙي نموني لکيو ويندو آهي جو انهن واقعن کي قلمبند ڪرڻ وقت يا اداڪارن کي اداڪاري ڪرڻ وقت ڪابه تڪليف نه ٿئي.

جيئن ريڊيو ڊراما لکڻ وقت مائڪروفون، آوازن جو لاهه چاڙهه ۽ آوازن کي مدد ڪرڻ لاءِ پس منظر موسيقيءَ جو خيال رکڻو پوندو آهي، تيئن ٽي. وي ڊراما لکڻ لاءِ وقت، جڳهه، چهري جي انداز، ڪئميرا جي سهوليت جو خيال رکڻو پوندو آهي. اسٽيج جيان ٽي.ويءَ ۾ به ڊراما کي مختصر ڪهاڻي پيش ڪرڻي پوندي آهي

آهن. هاري، مزدور ڪڙمي ۽ ڪاسبي هن دور جا هيرو آهن. ان ڪري جو هو ئي زندگيءَ جي چربر کي برقرار رکڻ جا محرڪ آهن — انهيءَ تبديليءَ ڊراما ڏسندڙن، پڙندڙن ۽ پڙهندڙن ۾ به ڦيرو آڻي ڇڏيو آهي. هاڻ ماڻهو وڏن ماڻهن جا ڏک ڏسي عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪونه ٿا ڊرامي ۾ دلچسپي وٺن، بلڪ هو پنهنجي ئي زندگيءَ جو عڪس ڏسڻ لاءِ ڊرامو پسند ڪن ٿا. ڊراما جي ڪردارن ۾ هو پنهنجو پاڻ کي محسوس ڪن ٿا ۽ انهن کي ڏسي پنهنجي طور طريقن ۾ تبديليون آڻين ٿا. اهوئي اصلي مقصد آهي ڪنهن به ادبي لکڻيءَ جو. جيڪڏهن ڪابه ادبي لکڻي اصليت جو عڪس نه آهي ته پوءِ ڪجهه به ناهي.

## مددي ڪتاب


١. ڪاررروان ادب: ڊاڪٽر وحيد قريشي.

٢. ادب اور اس ڪا تنقيدي مطالعه: ڊاڪٽر سلام سنديلوي.

٣. تاريخ ادب اردو- حصه اول: ڊاڪٽر جميل جالبي.

٤. هڊسن: انٽروڊڪشن ٽو دي هسٽري آف انگلش لٽريچر.

٥. اي.سي برڊلي: شيڪسپيرين ٽريجڊي.

٦. ارسٽاٽل: ڪلاسيڪل لٽرري ڪرٽيسزم.

٧. مالڪم ڪيلسال: ڊراما ائن انٽروڊڪشن.


— o —